# سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.XIX OF 1974
## سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974
## THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of West Pakistan Act V of 1958

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.XIX OF 1974
# سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[28 ڊسمبر 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي:

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of West Pakistan Act V of 1958

2. سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 جي دفعہ 3 ۾، ذيلي دفعات (3_A) ۽ (3_B) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

(3_A) واپاري يا صنعتي مقصدن لاءِ هيٺين پيمانن تي مڪمل طور استعمال ٿيل عمارتن يا زمينن يا انهن جي ڪنهن حصي تي پلائي واري ٽيڪس لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي:

| | |
|---|---|
| (i) واپاري مقصد | ڍڪيل ايراضي جي في چورس فوٽ تي ڏهہ پئسا |
| (ii) صنعتي مقصد | ڍڪيل ايراضي جي في چورس فوٽ تي پنج پئسا |

بشرطيڪ ا عمارتون يا زمينون جن جي ايراضي واپاري مقصد جي صورت ۾ 120 چورس گز تائين هجي ۽ صنعتي مقصد جي صورت ۾ 400 چورس گز تائين هجي، انهن کي ٽيڪس کان ڇوٽ حاصل هوندي.".

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**